# ستسنگ

## مهاراج چرن سنگهہ جي

١١

شبد

راما هم داسن داس ڪريجئہ

(گرنٿ صاحب)

Local Price

Rs 0 P 25

راڌا سوامي ستسنگ، بياس (پنجاب)

# شبد

## راڳ. کلياڻ محلا چوٿان

## راما هم داسن داس کريجئي

جب لگ ساس هوء من انتر ساڌ ؤ ڌور پويجئي ۔
( اک رهاءُ )

سنکر نارد سيکس ناگ مُن ڌور ساڌو کي لوچيجئي
ڀون ڀون پوت هوهه سڀ جهه ساڌو چرن ڌريجئي
تج لاج اهنکار سڀ تجيئي مل ساڌو سنگ رهيجئي
ڌرمراء کي کان چکاوئي بکھ ڊبدا کاڍ ڪڍيجئي
ڀرم سوکي بهه اُڀ سک کهيئهه مل ساڌو سنگ رهيجئي
تا تي بلم پل ڍل نه کيجئي جاء ساڌ ؤ چرن لگيجئي
رام نام کيرتن رتن وٿ هر ساڌو پاس رکيجئي
جو وچن گر ست ست کر مانئي تس آگي کاڍ ڌريجئي
سنتهه سنو سنو جن ڀائي گر کاڍي باهن ککيجئي
جي آتم کئُ سک سک نت لوڙهه تا ستگر سرن پويجئي
جي وڏ ڀاگ هوء ات نيکا تا گرمت نام درڙيجئي
سڀ مايا موهه بکم جگ ترئيئي سهجي هر رس پيجئي
مايا مايا کي جو اڌکاري وچ مايا پچئي پچيجئي
اگيان انڌير مها پنٿ بکڙا اهنکار ڀار لد ليجئي
نانک رام رم رم رم رام تي گت کيجئي
ستگر ملئي تا نام درڙائي رام نامئي رلئي مليجئي

( آد گرنت ۱۳۲۶ )

ڪري مهاتما ساڌ سنگت تي زور ڏيندا آهن. جيئن اسانجي من کي ٺوڪر لڳندي رهي، اسانکي ڪو سمجهائيندو رهي، تڏهن وڃي اسانجو خيال ٿورو گهڻو پرماتما جي ڀڳتيءَ طرف لڳي ٿو. ٿوروئي من کي ڍلو ڇڏيو ته من آڳرن تي نچائڻ شروع ٿو ڪري ڇڏي. گرو صاحب اسان طرفان مالڪ کي ارداس ٿا ڪن:-

"گوبند جيئو سٽ سنگت ميل هر ڌيائيئي." (آد گرنٿ ١١٧٩)

هي پرماتما! ساڌن سنتن مهاتمائن جي صحبت ڏي ته تنهنجو پتو لڳي، تنهنجي ڀڳتيءَ طرف اسانجو خيال وڃي. ستسنگ جو مطلب ڪا قوم يا مذهب ٺاهڻ جو ڪونهي، نڪي ستسنگ جو مطلب راجائن مهاراجائن جون ڪٿائون ڪهاڻيون ٻڌائڻ جو آهي، نڪي اُنکي ڪو ڪيرتن ڪيو وڃي ٿو. ستسنگ جي ذريعي اسان جي اندر مالڪ جي ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ڪيو وڃي ٿو. مهاتما ستسنگ ان کي ٿا چون جتي مالڪ جي مهما ڪئي وڃي، جتي مالڪ سان ملڻ جو طريقو ۽ ساڌن ٻڌايو وڃي. اها ته ڏاڍي ٻري ڳالهه آهي ته جيڪڏهن ڪو اسانجي عقل مطابق ڀڳتي نٿو ڪري ته اسين ان کي گاريون ڏيڻ شروع ڪريون، مارڻ ڪٽڻ شروع ڪريون. اسانکي ته پيار سان سمجهائڻو آهي ته ڀاءُ! هن راهه تي هلڻ اسانکي هي لاڀ پراپت ٿيو آهي، جي تنهنجي عقل ۾ اچي ٿو ته تون ڀي هن راهه تي هلي لاڀ پراپت ڪري سگهين ٿو. ڪبير صاحب فرمائين ٿا:-

ستسنگ سي سک اُپجي، ستسنگ مين دک جائي
ڪهه ڪبير تهان جائيئي ساڌ سنگت جهان پائي.

ستسنگ جي ذريعي ئي اسين سک ۽ شانتي پراپت ڪري

# ستسنگ

## راڳ ڪلياڻ محلا چوٿان

### راما هم داسن داس ڪريجهه

هيءَ چوٿين پاتشاهي سري گرو رامداس مهاراج جن جي باڻي آهي. پاڻ پريم ۽ ڀڳتيءَ لاءِ ڏاڍا مشهور ٿيا آهن. ڪو به سندن شبد کڻيو وڃي، اهو ڀڳتي ۽ پريم سان ڀريل آهي. ڀڳتي ۽ پريم تي خاص زور ڏين ٿا. هن ۾ نمرتا به بيحد آهي. سچي نمرتا جو به اسانکي ساڌن سنتن مهاتمائن جي صحبت مان پتو لڳي ٿو. پاڻ پرماتما کان پرماتما ئي گهرن ٿا. پاڻ مالڪ جي اڳيان ارداس ٿا ڪن ته هي پرماتما! اسانکي پنهنجي داسن جو داس بڻاءِ، اسانکي پنهنجي پريمين جو داس بڻاءِ. مالڪ جا داس ڪير هوندا آهن؟ جيڪي مالڪ جا ڀڳت ۽ مالڪ جا پيارا هوندا آهن يعني اسانکي ساڌن سنتن مهاتمائن جي سنگت ۽ صحبت بخش. ڇاڪاڻ ته جيستائين اسين داسن جا داس نه ٿا بڻجون، اسين تنهنجا داس به نٿا بڻجي سگهون، تو سان واپس وڃي ڪڏهن به ملي نٿا سگهون. اسانجو من سنگت ۽ صحبت جو تمام جلد اثر ٿو کڻي. جي اسين بري سنگت ڪريون ٿا ته اسانجي من ۾ برا خيال پيدا ٿين ٿا، جي چڱي سنگت ڪريون ٿا ته انجو به اثر اسان تي ٿئي ٿو. انهن ڪري ڏسي اسانجي اندر ڀڳتيءَ لاءِ پيار، ۽ ڀڳتيءَ جو چاهه پيدا ٿئي ٿو. تنهن

آهيون اهو چوراسيءَ جو هڪ تمام وڏو جيلخانو آهي. پرماتما ان جيلخاني مان نڪرڻ جو صرف هڪ دروازو رکيو آهي. اهو ڪهڙو دروازو آهي؟ اهو انسان جو جامو آهي. چوراسي لک جونين پوڻ کانپوءِ هي موقعو پرماتما ان لاءِ بخشيو آهي ته اسين هن موقعي جو لاڀ وٺي پرماتما جي ڀڳتي ڪري پرماتما سان وصال ڪري سگهون، دنيا جي بندڻن مان سدائين لاءِ ڇوٽڪارو پراپت ڪري سگهون. جڏهن به انسان جي جامي ۾ اچي، مالڪ جي ڀڳتي ڪري مالڪ سان وصال ڪري سگهنداسين ته صرف گورمکن جي سنگت ۽ صحبت ۾ وڃي ڪري سگهنداسين. انڪري پاڻ وري اسان طرفان مالڪ اڳيان ارداس ڪن ٿا ته هي پرماتما! جيستائين سواس هلي رهيا آهن، جيستائين تو زندگي بخشي آهي، جيستائين تو هن دنيا ۾ وهڻ جو موقعو بخشيو آهي، ڏينهن رات اهو ئي چاهيون ٿا ته اسانکي سادن سنتن مهاتمائن جي چرڻن جي دوڙ ملندي رهي، انهنجو پيار ملندو رهي جيئن انهنجي ڀڳتيءَ ۽ پيار جي ذريعي اسين به پنهنجي اندر تنهنجي ڀڳتي ۽ تنهنجو پيار پيدا ڪري سگهون، اسين به واپس وڃي سدائين لاءِ توسان وصال ڪري سگهون، تڏهن ئي اسانجو هن انسان جي جامي ۾ اچڻ جو مقصد يا "پرپز" (Purpose) پورو ٿي سگهندو ۽ اسين پنهنجي "ڊيسٽينيشن" تي پهچي سگهون ٿا، منزل مقصود جي کوج ڪري سگهون ٿا. پر اهڙن سادو سنتن مهاتمائن جي سنگت ۽ صحبت اسانکي ڪڏهن ملندي آهي؟ جڏهن ان آدڪرتا جي، ان پرماتما جي اسان تي ديا مهر بخشش ٿيندي آهي. مالڪ جي ڀڳتيءَ طرف اسانجو خيال پرماتما جي ديا مهر ۽ بخشش سان ئي وڃي ٿو. جڏهن پرماتما

سگهون ٿا، ستسنگ جي ذريعي ئي دکن مصيبتن مان ڇوٽڪارو
پراپت ڪري سگهون ٿا. اسانکي ان هند ئي وڃڻ گهرجي
جتي ساڌن سنتن مهاتمائن جي سنگت ۽ صحبت ملي ٿي.
ڇاڪاڻ ته انهن جي صحبت ڪرڻ سان اسانکي پتو پوي
ٿو ته آتما ۽ پرماتما جي وچ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون روڪاوٽون
آهن ۽ انهن روڪاوٽن کي پنهنجي راه مان ڪهڙي طرح
دور ڪرڻو آهي، ڪهڙي طرح پرماتما جي ڀڳتي ڪري
واپس وڃي پرماتما جي پراپتي ڪرڻي آهي، هن سان وصال
ڪرڻو آهي. ڪبير صاحب فرمائين ٿا :-

اِڪ گهڙي آڌِي گهڙِي آڌِي سي هُن آڌ،
ڪبير سنگت ساڌ کي ڪٽي ڪوٽ اپراڌ.

هڪ گهڙي، اڌ ڪان ته اڌ گهڙي ته جيڪا اسين گورمکن
جي سنگت ۽ صحبت ڪريون ٿا، ان مان اسانجي من مان
هزارين قسمن جا سنڪلپ ۽ ڀرم دور ٿي وڃن ٿا. پتو ناهي
ته مهاتما جي ٻاڻيءَ جي ڪهڙي لِڪ اسانجي ڪن ۾ پوي
جا اسانجي جيون کي ئي پلٽي ڇڏي. تنهنڪري مهاتما
سدائين ساڌن سنتن ڀڳتن جي سنگت ۽ صحبت لئي زور
ڏيندا آهن. انڪري گورو صاحب اسان طرفان پرماتما اڳيان
اها اَرداس ٿا ڪن ته اسانکي پنهنجي ڀڳتن جي سنگت ڏي،
اسانکي پنهنجي پيارن جي صحبت ڏي جو اسين ب واپس
سدائين لاء تو ۾ سمائجي سگهون.

**جب لگ ساس هوء من آنتر ساڌو ٿور پوبجهُ**
( اِڪ رهاءُ )

ٻاڻ سمجهائين ته جيڪي ڪڇ اسين اکين سان ڏسي رهيا

تڏهن ئي اسين واپس وڃي توسان ميلاپ ڪري سگهون ٿا. اڳتي لکن ٿا:

آپڻ ليکا جي ملڻ وڇڙ ڪيون روون
(آد گرنٿ ١٣۴)

هي اڪال پرک! جي جيو جي اختيار هجي ته ازخود تو تائين پهچي سگهي ته پوءِ ڪنهنجي دل ڪندي ته توکان وڇڙي ويندو رهي. اسين ان واسطي وڇڙون ٿا، ڀٽڪندا رهون ٿا جو اسان مان ڪنهنجي به اختيار ڪونهي جو پنهنجو پاڻ تو تائين پهچي سگهي. تون دَيا، مهر، بخشش ڪندين تڏهن ئي اسان جو خيال تنهنجي ڀڳتيءَ طرف ويندو تڏهن ئي اسين واپس وڃي تو تائين پهچي سگهون ٿا. ڪبير صاحب فرمائين ٿا:-

صاحب سي سڀ هوت هي بندي سي ڪجھ ناهين،
رائي سي پربت ڪري پربت رائي ماهين.

جو ڪجھ ملڻو آهي، جيڪي ڪجھ ٿيڻو آهي، صاحب يعني پرماتما جي بخشش سان ٿيڻو آهي، جيو جي اختيار ڪجھ به ڪونهي. مالڪ بخشش ڪري ٿو ته رائيءَ مان پربت بڻائي ٿو ڇڏي، ۽ پوءِ ئي پتو پوي ٿو ته جنهن پربت جي کوج ۾ اسين لڳا پيا هئاسين، اهو ته رائيءَ جي اندر ئي آهي يعني اهو پرماتما دَيا مهر سان اسانکي آتما مان پرماتما ئي بڻائي ڇڏي ٿو. پوءِ ازخود سوجهي پوي ٿي ته اهو پرماتما ڪٿي ٻاهر ڪونه هو، اسانجي آتما جي اندر ئي سمايل هو. تنهنڪري جيڪي ڪجھ ملڻو آهي اهو پرماتما جي دَيا مهر بخشش سان ملڻو آهي. سو گورو نانڪ صاحب اسانجي طرفان پرماتما اڳيان ارداس ٿا ڪن ته هي پرماتما!

چاهي ٿو ته ڏهن ۾ اسانجو خيال هن جي پريم ۽ ڀڳتيءَ
لڳي ٿو. گورو صاحب فرمائين ٿا "ساچي ڀاوي سا پرو
هووي" - ڀائي! جڏهن وقت پرماتما کي منظور ٿئي ٿ
تڏهن ئي تون پرماتما جي ڀڳتي ڪري سگهين ٿو. اسين
دنيا جا جيو انڌا آهيون، اهو پرماتما اکين وارو آهي
اَنڌي جي ڪا طاقت آهي جو اکين واري کي پڪڙي سگهي
جيستائين اکين وارو انڌي کي آواز ڏئي، ٻاڻ وٺ نه
سڏي ٻا هن جي هٿ ۾ پنهنجي آڱر نه ڏئي. سو مالڪ ٿي
دَيا مهر بخشش ڪري تڏهن ٿي اسانجو خيال هن موهه
مايا مان نڪري پرماتما جي ڀڳتي ۾ لڳي ٿو، پرماتما جي
پيار ۾ لڳي ٿو. گورو صاحب فرمائين ٿا:-

جيون مڪتا سب تڏهه ٿائي جس بخسي ٿس دي وڏيائي
(صفحو ١١٠)

هي اڪال پرک! اسان مان هرهڪ جو مرڻ ۽ جمڻ تنهنجي هٿ ۾ آهي. جن مٿان تنهنجي دَيا ٿئي ٿي، مهر ۽ بخشش ٿئي ٿي انهن کي ئي توسان ملڻ جي اُپما ۽ موقعو ملي ٿو. اُهوئي تو وٽ عزت پراپت ڪري سگهن ٿا ۽ واپس وڃي توسان ملي سگهن ٿا. ٻارهن ماهه ۾ گورو ارجن صاحب ان طرح شروع ڪن ٿا:

ڪرت ڪرم کي واڇڙي ڪر ڪرپا ميلهه رام
(آد گرنٿ ١٣٠٣)

هي پرماتما! اسين پنهنجي ڪرمن ڪارڻ توکان وڇڙي ٿري رهيا آهيون. اسانجي طاقت ٿي ڪانهي، اسانجي اختيار ۾ ڪونهي ته پنهنجو پاڻ تو تائين پهچي سگهون. تون اسان تي دَيا ڪر، ڪرپا ڪر، مهر ڪر، بخشش ڪر

پنهنجي شڪل تي ٺاهيو آهي. رشي مني هن سرشٽي کي نرنارائڻي ديهه چئي سمجهائين ٿا. هو چوندا آيا آهن ته اها ديهه جيڪا نارائڻ پيدا ڪئي آهي، جنهن ۾ نارائڻ خود وسندو آهي، جنهن جي اندر ئي اسانجي آتما نارائڻ جو روپ اختيار ڪري سگهي ٿي - هيءَ جيڪا ديهه آهي سا صرف انسان جي ديهه آهي، انسان جو جامو آهي. تنهنڪري گورو صاحب فرمائين ٿا ته ديوي ديوتا ۽ سڀئي مهاتمائن جي ڏور لاءِ ترڦن ٿا، انهنجي سنگت ۽ صحبت لاءِ ترڦن ٿا. سو هي پرماتما! دया ڪر، مهر ڪر، بخشش ڪر، ته اسانکي تنهنجي داسن جي به داسن جي سنگت پراپت ٿئي، تنهنجن ڀڳتن ۽ پيارن جي صحبت ۽ پيار پيدا ٿئي.

## پون پون پوت هوهه سڀ جهه ساڌو چرن ڌريجهه

گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته جنهن استان تي جنهن گهر ۾، جنهن جڳهه تي، ان جهڙا ساڌو سنت مهاتمائون وڃن ٿا، اهو گهر، اهو استان ۽ اها جڳهه سڀ پوتر ٿي پون ٿا. توهين ڏسو ته جن استانن تي رشين منين تپ ڪيو آهي، گورو صاحبن مالڪ جي ڀڳتي ۽ پرچار ڪيو آهي، مالڪ سان پيار ڪيو آهي، اهي استان اسان واسطي تيرٿ بڻجي ويا آهن. اسين ڪيئن انهن هنڌن تي متا رڳڙيون ٿا، پنهنجا مستڪ جهڪايون ٿا. انلاءِ ته انهن هنڌن تي گورو صاحبن مالڪ جي ڀڳتي ڪئي آهي، اسانجي اندر مالڪ جي ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ڪيو آهي. اهي هنڌ اسان لاءِ عزت جي قابل بڻجي ويا آهن جتي هنن واسهي ڏنڻ ڪيو اڄ "داتڻ صاحب" بڻيو آهي، جتي جتي چونڪڙي ماري وينا هئا، "چونڪڙا صاحب" بڻجي پيو آهي. سو اهي

اسين سواس سواس سان تنهنجي ڀڳتي ڪرڻ چاهيون ٿا. اسين هر قدم تي تنهنجي ڀڳتي ڪرڻ چاهيون ٿا. اسين هر قدم تي تنهنجن ڀڳتن، تنهنجن پيارن جي صحبت مڱون ٿا ته اسانکي تنهنجي ڀڳتي پراپت ٿئي، اسانجو خيال تنهنجي ڀڳتيءَ ۾ لڳو رهي.

## سنڪر نارد سنڪ ناگ - من ڌور ساڌو کي لوچيجهہ

گورو صاحب فرمائين ٿا ته هي پرماتما! نه رڳو مان پر شو جهڙا ديوتا، نارد مني جهڙا اوچ ڪوٽيءَ جا ڀڳت رشي مني جيڪي ٿيا آهن، اهي سدائين تنهنجي ڀڳتن جي سنگت مڱن ٿا، تنهنجن سادن سنتن مهاتمائن جي صحبت گهرن ٿا. يعني هي جيترا به اسانجا ديوي ديوتائون آهن، اهي به ائين ٿي چاهين ٿا ته اسانکي به انسان جو جامو ملي، اسان کي به ڪنهن ساڌوءَ جي صحبت پراپت ٿئي، اسين به پرماتما جي ڀڳتي ڪري واپس وڃي پرماتما سان ملي سگهون. ڪبير صاحب جي باڻي آهي:-

اس ديهي ڪئه سمرهه ديو

(آد گرنٿ ١١٥٩)

هي جو انسان جو جامو آهي، اهو ڪو معمولي چيز ناهي. ديوي ديوتا به هن جامي لاءِ ترسن ٿا چاڪاڻ ته جي ڪنهن سر ۾ کي، جي ڪنهن ديهه کي، ڪنهن جامي کي اهو فخر حاصل آهي ته هو مالڪ جي ڀڳتي ڪري مالڪ سان ميلاپ ڪري سگهي تو ته اهو صرف انسان جو جامو آهي. تنهنڪري اسلام وارن هنکي أشرف المخلوقات ۽ عيسائي انکي، 'ٽاپ آف دي ڪريئيشن' (Top of the Creation) چئي سڏيا ڪيو آهي. يهودين جو خيال آهي ته ان پرماتما اسانکي

واسطي گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته دنيا جي لوڪ لاج اسان جي راه ۾ زبردست رڪاوٽ آهي. انکي ڇڏي ئي پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻي آهي. دنيا جي طعانن مهڻن جو خيال نه ڪريو. 'هسٽريءَ' مان ڪيئن مثال حضور مهاراج جن ڏيئي سمجهائيندا هئا ته. راءِ صاحب لالا سالگرام، شري حضور سوامي جي مهاراج جا مکيه پريمي ستسنگي هئا. سندن ڏاڍا پيارا هئا. راءِ سالگرام جن جو سوامي جي مهاراج جن سان ايترو ته پيار هو جو هن جي اشنان ڪرڻ لاءِ جمنا درياه مان گهاگهر ۾ پاڻي ڀري آڻيندا هئا. سندن 'پوزيشن' (Position) دنيا جي مطابق ڪا گهٽ ڪونه هئي. يوپي جا پوسٽ ماسٽر جنرل هئا. سندن برادري وارن کي خبر پيئي ته چاڪاڻ ته سوامي جي مهاراج جن جو مڪان ننڍين ننڍين بزارن ۽ گهٽين مان لنگهي پوءِ ايندو هو ۽ جنهن بزار ۽ گهٽيءَ مان پاڻ لنگهندا هئا اتي سندن رشتيدارن ۽ برادريءَ وارن جا گهر هئا. انهن قدرتي طعنا ۽ مهڻا ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيا. ڏسو ڪيترو وڏو ٿي ڪري هن جي عقل ۽ مت کي ڇا ٿي ويو آهي! جنهن وقت راءِ صاحب کي پتو لڳو ته هنن پنهنجي پيرن ۾ ڇير ڪٽي ٻڌي، گهنگهرو ڪٽي پاتا، انلاءِ ته جنهنکي خبر نه پيئي هجي، ان کي به خبر پئجي وڃي. جن جي من ۾ سچو عشق ۽ سچو پيار هوندو آهي، اهي دنيا جي طعانن مهڻن ۽ لوڪ لاج جي پرواه ڪونه ڪندا آهن. وري حضور مهاراج جن راجا پيپا جي ڪهاڻي ٻڌائيندا هئا ته راجا پيپو ڪو معمولي آدمي ڪونه هو. ڇترپتي راجپوت راجا هو. مهاتما رويداس ذات جو چمار هو ۽ سندس شهر ۾ رهندو هو يعني سندس رعيت هو. راجا پيپي کي بالپڻ کان ئي مالڪ جي ڀڳتيءَ جو شوق

استان اسان لاءِ ڪيترا نه پورا ٻڌجي پيا آهن. تنهنڪري گورو صاحب فرمائين ٿا ته جن هنڌن تي اهڙا مهاتما، ڀڳت ۽ پيارا پهچن ٿا، اهي استان ئي پورا ٻڌجي پون ٿا، اتي لوڪ ڀڳتي ڪرڻ لاءِ وڃن ٿا، مالڪ جي کوج، مالڪ جي پيار لاءِ وڃن ٿا. ان واتاورڻ مان لاڀ وٺي، مالڪ جي ڀڳتي شروع ڪري ٿا ڇڏين. سو گورو صاحب فرمائين ٿا ته اسانکي ٻه پنهنجن ڀڳتن جي سنگت ڏي، پنهنجن پيارن جي صحبت ڏي.

## تجهه لاجهه اهنڪار سڀ تجيئه.
## مل سادو سنگ رهيجئه.

هاڻي جڏهن اسانجو خيال گورمکن جي سنگت ۽ صحبت طرف وڃي ٿو ته ڪهڙي چيز اسانجي راهه ۾ اچي وڏي زبردست رڪاوٽ بڻجي ڪري بيهندي آهي. گورو صاحب فرمائين ٿا ته اها لوڪ لاج آهي، دنيا جا طعنا مهڻا آهن. ”پبلڪ اُپينين (Public opinion) آهي ته برادريءَ وارا ڇا چوندا؟ رشتيدار ڇا چوندا؟ قوم ۽ مذهب وارا ڇا چوندا؟ سو اسين ان لوڪ لاج جي اڌين ٿي گورمکن جي سنگت ۽ صحبت ئي نٿا ڪريو، گورمکن جي صحبت مان لاڀ وٺڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪريون. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته جيڪڏهن توهانکي اندر مالڪ سان ملڻ جو شوق، پريم، پيار، برهه ۽ تڙپ آهي ته ان لوڪ لاج کي ٻه پنهنجي اندران ڪڍي ڇڏيو. جيستائين لوڪ لاج جي اڌين آهيون تيستائين مالڪ کي ننڍو سمجهي ويٺا آهيون. جي اندر مالڪ سان ملڻ جو سچو شوق ۽ سچو پيار آهي ته ان حالت ۾ مالڪ کي سڀني کان وڏو سمجهيو آهي ۽ دنيا کي ننڍو. ان

ڇڏائين. ڇاڪاڻ ته اهو امرت هو، ڇرنا امرت هو. ڏوٻيءَ جي ڇوڪري اگر جون ڳالهيون ڪرڻ لڳي، اندر جون ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. ڏوٻيءَ جي ڇوڪريءَ جي مشهوري ٿي ويئي. راڄا پيپي کي مالڪ سان ملڻ جو شوق ۽ پيار ته اڳ ئي هو، سو ٻڌڻ ڏوٻيءَ جي ڇوڪريءَ وٽ ويو. جڏهن وقت ان ڇوڪريءَ راڄا پيپا کي اهڙو ڏٺو ته اٿي بيهي رهي. ٻڌڻ ڪيس چيائين ته مان ڪو راڄا بڻجي ڪونه آيو آهيان، مان ڀيڪاري بڻجي آيو آهيان. تنهن لي ان ڇوڪريءَ چيو ته مان توهانکي راڄا سمجهي، اٿي ڪانه بيٺس، ڇونکي ته جيڪي ڪجھ مليو آهي، توهان جي ڪڙلي مان ئي مليو آهي. اها ڳالهه ٻڌي راڄا کي ڏاڍو شرم آيو ته لعنت آهي منهنجي راڄ کي، لعنت آهي منهنجي ڪتري پٽي لي. ڇونکي لوڪ لاڄ اصليت کان ڪيڏو دور ڪري ڇڏيو. سموري لوڪ لاڄ ڇڏي سڌو روهداس مهاتما جي چرنن ۾ ويو. پوءِ روهداس جن ڏاڍي پڪتي ڪرائي هنکي سڀ ڪجھ ڏيئي ڇڏيو. ان ئي راڄا پيپا جي ٻاڻي گرو گرنٿ صاحب ۾ پڙهندا آهيون. سو منهنجي چوڻ جو مطلب صرف اهڙو ئي آهي ته هيءَ جيڪا دنيا جي لوڪ لاڄ آهي، دنيا جا طعنا مهڻا آهن، اهي سدائين اسانکي اصليت کان دور ڪندا آهن. تنهنڪري اسان کي چوٿين پاتشاهي سمجهائين ٿا ته جي اسان جي من ۾ مالڪ جي ملڻ جو شوق ۽ پيار آهي ته مهاتمان جي ذاتين پاتين کي پرکڻ نه گهرجي، قوم مذهب ڏسڻ نه کپن، سندن ملڪ ڏسڻ کين گهرجن.

اسانکي ته سچي مهاتما جي کوج ڪرڻي آهي. نه اسان جي ڪا ذات پات آهي ۽ نه ڪا مهاتما جي ذات پات آهي. نه ڪا اسان جي قوم مذهب ملڪ آهي ۽ نه مهاتما

۽ پيار هو. هو ساڌن سنتن مهاتمائن جي سنگت جو ڏاڍو متلاشي هو. جڏهن روهيداس مهاتما جي رسائيءَ جو ڪيس پتو پيو ته سو چيائين ته مان به وڃي انهن جي سنگت ۽ صحبت ڪريان، انهن جو درشن ڪريان. پر روهيداس مهاتما چاڪاڻ ته چمار هو ۽ پاڻ راجپوت هو، ڏپ جي ڪري ڏينهن جي وقت هو انهن وٽ ڪونه ويو. هڪ ڏينهن اهڙو موقعو اچي بيٺو جو شهر جا لوڪ ٻاهر ڪٿي ميلي تي ويا هئا. سو پنهنجو ويس بدلائي لڪي لڪي نميڻن نميڻن گهٽين مان نڪرندو اچي مهاتما جي مڪان تي پهتو. مهاتما ته جتيون پئي ڳنڍيون. راجا پيپا هٿ جوڙي عرض ڪيو ته گرديو! مونکي به ڪجهه ڏيو. روهيداس مهاتما ڏٺو ته هيترو وڏو ڇترپتي راجا ٿي ڪري هي مون غريب چمار جي جهوپڙيءَ ۾ آيو آهي. هن چمڙي جي پاٽيءَ کي امرت بڻائي راجا کي ڏنو. مهاتما جو ڪجهه رعب به ٿيندو آهي. روهيداس مهاتما ڪيس چيو ته هٿ اڳيان وڌاءِ، چرنا امرت وٺ. هٿ ته اڳيان ضرور وڌائين پر چرنا امرت پيتائين ڪونه. اهو ٻانهن جي اندرئي وهائي ڇڏيائين ۽ پنهنجو ڪپڙو آلو ڪري ڇڏيائين. من ۾ خيال آيس ته هن ته مونکي چمار ئي ٿي بڻائي ڇڏيو. هيڏانهن هوڏانهن نهاري پنهنجي محل ۾ اچي پهتو. اچڻ سان ئي پنهنجو ڪپڙو لاهي ڌوٻيءَ کي ڏنائين ته هنکي جلدي ئي صاف ڪري ڪٽي اچ، ان لاءِ ته ڪنهنکي به پتو نه پوي ته ڪپڙي تي چمڙي جي پاٽيءَ جو رنگ چڙهيل آهي. ڌوٻي ته ڪپڙي ڌوئڻ لاءِ مصالحو تيار ڪرڻ ۾ لڳي ويو ۽ پنهنجي ڌيءَ کي وات سان داغ چوسڻ لاءِ چيائين. هن وات سان چوسي چوسي ان ڪپڙي جا داغ لاهي ڇڏيا ۽ ڪپڙو ڌوئي

وڃن ٿيون. سي C ڪلاس ڇڏي اي A ڪلاس حاصل
ڪرڻ ٿا. وڌ ۾ وڌ وئڪنٺ ۽ سرڳن ۾ پهچن ٿا.
اهي به ڀوڳڻ جوڳيون آهن! ڪجهه وقت لاءِ آهن
(For Certain Time and period) ٿوري سمي واسطي هونديون
آهن. انهن جي ڀوڳڻ بعد وري هن چوراسيءَ جي
جيلخاني ۾ اچڻو پوندو آهي. جيڪڏهن برا ڪرم ڪرڻ
ته انسان واسطي نرڪ ۽ چوراسي تيار هوندا آهن. ڇا راجا،
ڇا پرجا، ڇا امير، ڇا غريب، ڇا عورت، ڇا آدمي سڀ
دنيا جا جيو هتي اچي پنهنجي پنهنجي ڪرمن جو حساب
ڪتاب ڏيئي رهيا آهن. انهن ڪرمن جي ڪارڻ ئي اسانکي
دنيا جي اندر دک ۽ مصيبتون سهڻيون پون ٿيون. ڪڏهن
ڪنا ٿا بڻجون، ڪڏهن ڀلا ٿا بڻجون. جيڪڏهن انسان
جو جامو به مليو پوءِ به ڪهڙو سک ٿا حاصل ڪرڻ، نه
شانتي پراپت ڪري ٿا سگهون. ڪڏهن بيماريءَ تنگ
ڪري رکيو آهي، ڪڏهن بي روزگاريءَ ڪري دکي
ٿيون ٿا. ڪڏهن قرض اگهاڙڻ جو دک آهي ته ڪڏهن
قرض چڪائڻ جو دک آهي. اهڙي طرح قومن، مذهبن
۽ ملڪن جا جهڳڙا اسانجو پيڇو ئي نٿا ڇڏين. ڪيترن
غريبن جو خون ٿئي ٿو، ڪيترون عورتون بيواهه ٿين ٿيون،
ڪيترا ٻار يتيم ٿين ٿا. جڏهن نگريءَ ۾ اچي روٽي ڪپڙي
واسطي لڙهندا رهون ٿا، ڀٽڪندا وتون ٿا، ان نگريءَ ۾
جاءِ ۾ اچي اسين سک ڪهڙي طرح ٿا حاصل ڪري
سگهون، شانتي ڪهڙي طرح ٿا پراپت ڪري سگهون؟
جيڪڏهن انسان جي جاءِ ۾ اچي به سک شانتي نٿي ملي
ته پوءِ ٻئي ڪهڙي جاءِ ۾ سک ۽ شانتي ملندي؟ سو
جڏهن به هن انسان جي جاءِ مان ٻيا چوراسي لک جوڻين

جي ڪا قوم، مذهب ملڪ آهي. اهي سڀ ذاتيون پاتيون، اوچ نيچ جا جهيڳڙا اسان جا پنهنجا بڻايل آهن. سنت مهاتما ته اسانکي انهن مان ڪڍي اسان جي اندر مالڪ جي ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ڪن ٿا. تنهنڪري گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا ته لوڪن جي رائي (Public opinion) جو خيال ڇڏي لوڪ لاج کي ڇڏي، سدو ٿي پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ کپي.

## ڌرمراء کي ڪان ڇڪاوڻ پڪ، ڏبدا ڪاڍ کي پڇڻ

هاڻي گورو صاحب ان جو ڪارڻ سمجهائين ٿا، ته جي اسين دنيا جي لوڪ لاج ڇڏي گورمکن جي سنگت ۽ صحبت مان لاڀ وٺي پرماتما جي ڀڳتي ڪنداسين ته اسان کي ڪهڙو فائدو پراپت ٿيندو؟ جيڪو به ڌرمراج جو حساب ڪتاب آهي سو سارو ختم ٿي ويندو. هن مايا وي زهر جي گهري سمنڊ مان اسين سدائين لاءِ ٻاهر نڪري وينداسين. ڌرمراج جو ڪهڙو حساب ڪتاب آهي؟ ڪرمن جو حساب ڪتاب آهي. اسانجي آتما ان پرماتما جي انس آهي. اسين ان ست نام سمنڊ جي بوند آهيون، ان مالڪ کان وڇڙي هن مايا جي جار ۾ ڦاسي پيا آهيون، من جي تابع ٿا اڏن تي جيڪي ڪرم ڪيون ٿا، سيئي ڪرمن جو حساب ڪتاب پورڻ لاءِ اسان مان هر هڪ کي بار بار جنم مرڻ ۾ اچڻو پوي ٿو. نڪي ڇڱن ڪرمن ڪارڻ ڪڏهن ديهه جي بندن مان آزاد ٿي سگهون ٿا، نه برن ڪرمن ڪري جنم مرڻ جي دکن مان ڇوٽڪارو پائي سگهون ٿا. جي نيڪ ڪرم ڪريون ٿا، راجا مهاراجا بڻجون ٿا. لوهه جون زنجيرون لهي وڃن ٿيون، سون جون زنجيرون ٻڌجي

گورمکن جي صحبت ۾ وڃي مالڪ جي ڀڳتي ڪنداسين ۽ ۽ اسان جو سمورو حساب ختم ٿي ويندو. هي جو اسين زهر جي سمنڊ ۾ غوطا کائي رهيا آهيون ان مان اسين ٻاهر نڪري اچون ٿا، اهو ڪرمن جو سلسلو ئي ختم ٿي وڃي ٿو، من ۽ مايا جي دائري مان ئي ٻار ٿجي وڃون ٿا.

هي جيڪي ٻه اسانجا ڪرم آهن، اهي ٽن قسمن جا آهن - پرالبڌ ڪرم، ڪريمان ڪرم ۽ سنچت ڪرم. هڪڙا اهي ڪرم آهن جي اڳ، ڪيا اٿئون ۽ جن جو ڦل هاڻي ڀوڳي رهيا آهيون- اهي پرالبڌ ڪرم آهن. ٻيا اهي آهن جي هاڻي زمين اندر ٻج پوکي رهيا آهيون، اهي اسان جا ڪريمان ڪرم آهن. اهي اڳلي جنم ۾ اسانجي پرالبڌ ٺهندا آهن جن جو ڦل اسانکي ڀوڳڻو پوندو. جيڪي ڪجهه هيٺر ڀوڳيندا سين اهي اڳتي هلي اسانجي پرالبڌ ٺهندا. انهن جو ڦل اسانکي اڳتي هلي ڀوڳڻو پوي ٿو. پر هر جنم ۾ اڳين جنمن جو حساب ڪتاب ختم ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي. هر جنم مان ڪجهه ڪرم بچندا رهندا آهن، جن جو چڱو خاصو، لمبو چوڙو "اسٽور" يا ڀنڊار ٺهي پوندو آهي. اهي سنچت ڪرم آهن. جيستائين اهي ٽنهي قسمن جا ڪرم ختم نه ٿيندا تيستائين اسان جي آتما نرمل نه ٿي سگهندي، مالڪ سان ملڻ جي قابل نه ٿي سگهندي. مهاتما سمجهائيندا آهن ته اهي توهان جا جيڪي پرالبڌ ڪرم آهن، مالڪ جو ڀاڻو سمجهي ڀوڳيو، مالڪ جو حڪم سمجهي ڀوڳيو ۽ شبد يا نام جي ڪمائي ڪريو، جنهنڪري توهان جي اندر اهڙي طاقت ۽ شڪتي ايندي جو انهن ڪرمن جو خوشيءَ خوشيءَ سان حساب چڪائي سگهندا. اهو پرماتما ته ڪيترائي دفعا ڏيا-مهر- بخشش ڪري سوريءَ مان ڪنڊو ڪري

جي ڏکن مان اسانجو ڇوٽڪارو ٿيندو ۽ اهو ان وقت ٿي ٿي سگهندو، جنهن وقت اسانجي سڀني ڪرمن جو حساب ختم ٿي ويندو. گورو صاحب فرمائين ٿا جي اسين گرمکن جي سنگت ۽ صحبت ۾ وڃي نام جي ڪمائي ڪريون ٿا ته جن ڪرمن ڪري اسين ڏک جي ٻنڌنن جا قيدي بڻجي ويا آهيون، انهن سڀني ڪرمن جو حساب ڪتاب ٿي ختم ٿي وڃيٿو، اسانجي آتما نرمل ۽ پوتر ٿي پوي ٿي، پرماتما جي ملڻ جي قابل ٿي پوي ٿي.

ڪبير صاحب فرمائين ٿا:-

جب هي نام هردي ڌرئو ڀيو پاپ ڪا ناس.
جيسي چنگي آگ ڪي پڙي پراني گهاس.

جڏهن نام اسانجي هردي ۾ سمائجي ويندو ته اهي جيترا به اسانجا پاپ آهن، جيڪي به اسانجا برا ۽ کوٽا ڪرم آهن، سڀني جو حساب ڪتاب ختم ٿي ويندو. جهڙي طرح سڪل گاهه جو ڪٽي ڪيڏو به وڏو ڍير ڇو ڪين هجي، هڪ باهه جي چڻنگ سموري گاهه کي جلائي خاڪ ڪري ڇڏي ٿي. ساڳئي طرح اسان ساڪت ۽ دنيادارن جا ڪيترا به برا کوٽا پاپ ۽ ڪرم ڇو ڪين هجن، نام جو هڪ ڪڻو سڀني جو حساب ڪتاب ختم ڪري ڇڏي ٿو. اهڙي طرح گورو صاحب سمجهائين ٿا ته ڪاٺين جو ڍير ڪيڏو به ڪٽي هجي هڪ باهه جي چڻنگ هڪ پل ۾ ڪاٺين کي جلائي خاڪ ڪري ڇڏي ٿي. اهڙيءَ ريت اسان دنيادارن جا ڪيڏا برا کوٽا پاپ ۽ ڪرم ڇو نه هجن، گورو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا ته جي اسين دنيا جي لوڪ لاج کي ڇڏي

مالڪ سان ملڻ جو شوق پيدا ٿئي ٿو، ھن سان ملڻ جي لڳن، ٻوهه ۽ پيار پيدا ٿي پوي ٿو. هينئر اسين ٻاهر-مکي ٿي وڃا آهيون، ڪرم-ڪانڊ ۾ اُلجهيا پيا آهيون، اول ته مالڪ جي ڀڳتي ٿي نٿا ڪريون، جيڪڏهن ان طرف ٿورو گهڻو خيال به وڃي ٿو ته اسين رسمن ۽ ڪرم-ڪانڊ ۾ اٽڪي ٿا پئون، ٻاهرمکي ڀڄي ٿا پئون پر گورمکن جي سنگت ۽ صحبت ۾ وڃي انهن ڀرمن سڪلپن مان اسان جو خيال نڪري وڃي ٿو، مالڪ جي ملڻ جو سچو عشق، سچو پيار پيدا ٿي وڃي ٿو، مالڪ سان ملڻ جي رستي ۽ طريقي جو پتو پوي ٿو. ان رستي تي هلي اسين پرمالما جي ڀڳتي ڪرڻ شروع ڪريون ٿا. جيڪو اسان جو هردو خشڪ ٿيو پيو هو اهو سرسبز ٿي پوي ٿو. جيڪو هردو پرمالما کي ڀلائي دنيا جي سڪلپن، دنيا جي شڪلين، پدارٿن واسطي تڙڦندو ۽ پڪندو ولندو هو، اهو دنيا مان نڪري مالڪ جي واسطي پڪڻ ۽ تڙڦڻ لڳي ٿو. سو گورو صاحب سمجهائين ٿا ته مان توهانکي اهائي هدايت ڪريان ٿو ته گوروءَ جي سنگت، گورمکن جي صحبت ڪريو.

## ڏاڍي ڀلم ٻل ڏل نه ڪيجئه جاءِ سادُ چرن لڳيجئه

شروع کان ٿي سمجهائيندا آيا آهن ته اسانکي گورمکن جي سنگت ڇو ڪرڻي آهي. ڇو ساڌن سنتن مهاتمائن جي صحبت ڪرڻي آهي. انهن جي سنگت ۽ صحبت ۾ اچي اسانکي ڪهڙو فائدو ٿو ملي. سڀ ڪجهه سمجهائي هاڻي فرمائين ٿا ته پنهنجي قيمتي وقت کي فضول ڳالهين ۾ ضايع نه ڪرڻ گهرجي، ساري عمر ۾ اسکيون ۽ رنون نه بڻائيندو رهڻي ته ٿڙون پت جوان ٿين، انهن جا فرض پورا

ڇڏي ٿو. وري اڳتي لاءِ جيڪي ڪرم ڪنداسين، ڇاڪاڻ ته اسين نام جي ڪمائيءَ ۾ لڳا پيا آهيون، مالڪ جي ڀڳتيءَ ۾ لڳا پيا آهيون انڪري ڪو به برو، ڪو به ڪرم ٿي نه ٿيندو جنهن ڪري ڏنهن جي ٻنڌن ۾ واپس اچڻو پوي ۽ جيترا به اسانجا سنچت ڪرم آهن، انهن جو تعلق من سان آهي. من شبد کي پڪڙي برهم، ترڪٽيءَ ۾ پنهنجي ٺڪاڻي پهچي ويندو آهي، آتما هن جي پنجي مان آزاد ٿي ويندي آهي. سو انهن سڀني ڪرمن جو حساب ڪتاب ختم ٿي ويندو آهي. تنهنڪري گورو صاحب جن فرمائين ٿا ته جيترو عرصو سڀني ڪرمن جو حساب ڪتاب نه ٿو پورو ٿئي، آتما ڪڏهن به ”پيور“ ( Pure ) ۽ پوتر ٿي نه سگهندي، پرماتما جي ملڻ جي قابل نه ٿي سگهندي. تنهنڪري گورومکن جي سنگت ڪرڻي آهي، سا ڌن ستن مهاتمائن جي صحبت ۾ وڃي مالڪ جي ڀڳتي ڪرڻي آهي، نام جي ڪمائي ڪرڻي آهي.

## ڀرم سؤڪي پهر اُپ سڪ ڪهڻهه ملساتو سنگ رهجڻ

پاڻ ٻڌائين ٿا ته جيڪڏهن ڪيتي سڪي ويندي آهي، جيڪڏهن ڪو وڻ سڪي پوي ته اسين انکي سائو سبز ڪرڻ لاءِ ڇا ڪندا آهيون؟ پاڻي ڏيندا آهيون. جيئن جيئن ان جي تڙ کي مانسچر ( Moisture ) يا آلاڻ ملندي وڃي ٿي تيئن تيئن اهو سائو سبز ٿيندو ويندو آهي. اهڙي طرح اسان جو هردو جو ڀرمن ۾ ڦاسي بلڪل خشڪ ٿي چڪو آهي، ٻاهر جي سنڪلپن، ٻاهر جي ڀرمن ۾ ٻڏو پيو آهي، جنهن وقت اسين گورومکن جي سنگت ڪريون ٿا، گورومکن جي صحبت ڪريون ٿا ته پوءِ اسان جي اندر

گهر جي دولت جو پتو ئي نه پيو هجي، ان ڳالهه جو ڀيد
ئي نه هجي ته هيڏي اٿاهه دولت هن جي گهر ۾ پوري
پيئي آهي، هو ٻاهر رستن تي ڀٽڪندو رهيو، در بدر
ٺوڪرون کائيندو وتي ٿو، هن کي ان دولت جو ڪهڙو
فائدو ٿي سگهي ٿو؟ جڏهن هن کي ڪو گهر جو ڀيدي ملي
وڃي ٿو، جنهن جي هدايت موجب هو گهر ۾ اندر کوج يا
سرچ (Search) ڪرڻ شروع ڪري ٿو، ان دولت کي
حاصل ڪري هو بادشاهه بڻجي پوي ٿو، ٻاهر جي ٺوڪرن
کان بچي پوي ٿو. اهڙي طرح اسانکي پنهنجي پاڻ جي
سوجهي ۽ سمجهه ڪانهي ته پرماتما اهڙي اوچي ۽ نرمل نام
جي دولت اسان جي اندر رکي آهي. اسين ٻاهر مکي ٿي
ويا آهيون. جنهن وقت گورمکن جي سنگت ۽ صحبت
ڪندا آهيون ته هو اسانکي ٻڌائيندا آهن ته تو پنهنجي
قيمتي وقت کي خراب ڪري رهيا آهيو، پرماتما سڀ
ڪجهه اسان جي اندر رکيو آهي. جيڪي ڪجهه اندر رکيو
ويو آهي، ان جي حاصل ڪرڻ جو طريقو اسانکي گورمک
ٻڌائيندا آهن، ساڌن سمجهائيندا آهن. جنهن وقت انهن جي
ٻڌايل طريقي ۽ ساڌن جي انوسار اسين پنهنجي اندر وڃي
کوج ڪرڻ شروع ڪندا آهيون ته پوءِ اسين به نام روپي
دولت کي حاصل ڪندا آهيون، ان دولت کي پائي اسين
به بادشاهه بڻجي پوندا آهيون، ان دولت کي پائي اسان
جو جنم مرڻ جي ڏکن مان هميشه لاءِ ڇوٽڪارو ٿي پوندو
آهي. انڪري گورو صاحب فرمائين ٿا ته گورمکن جي
سنگت ۽ صحبت جي ذريعي ئي سڀ ڪجهه حاصل ڪرڻو
آهي. حضور مهاراج جن سمجهائيندا هئا ته سڀني کي خبر
آهي ته کير جي اندر گيهه هوندو آهي، پر ان گيهه جو

ڪري وڃون، توري گهڻي دولت ڪٺي ڪري وڃون پوءِ گرومکن جي سنگت ۾ وڃي مالڪ جي ڀڳتي ڪنداسين. اسان جون رٿون ڪيتريون ئي نيڪ نيتيءَ سان ٺاهيل هجن، اسانکي مالڪ جي پروگرام ۽ پلاننگ (Planning) جو ڪجهه به پتو ڪونهي. پتو ڪونهي ڪهڙي ويل هوڪو ٻيا سڏ اچڻو آهي. پرپل پروار کي ڇڏي ٿي وڃڻو آهي. تنهنڪري گرو صاحب فرمائين ٿا ته هڪ پل به ضايع ڪرڻ نه گهرجي، هڪ منٽ، هڪ سيڪنڊ به وقت نه وڃائڻ کپي. هتان خيال کي ڏيندي گرومکن جي سنگت ۽ صحبت ۾ رکڻو آهي. انهن جي سنگت ۽ صحبت ۾ وڃي مالڪ جي ڀڳتي ڪرڻي آهي، مالڪ جي کوج ڪرڻي آهي.

## رام نام ڪيرتن رتن وٿ هر ساڌو پاس رکيجهِ

١

هاڻي من ۾ خيال اچي ٿو ته گرونانڪ صاحب گرومکن، ساڌو سنتن، مهاتمائن جي سنگت يا صحبت تي ايترو زور ڇو ٿا ڏين؟ انهن جي سنگت ۽ صحبت ۾ وڃي اسانکي ڪهڙو فائدو ٿي سگهي ٿو؟ پاڻ سمجهائين ٿا ته اها جيڪا نام روپي دولت آهي، اهو جيڪو رتن آهي انکي حاصل ڪرڻ جو ڀيد، جڳتي يا طريقو مهاتما گرومکن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، ساڌو سنتن مهاتمائن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. اها دولت پرماتما اسان جي اندر اسان جي خاطر رکي آهي. پر ڪهڙي طرح اندر وڃي ان جي کوج ڪرڻي آهي، ان دولت کي پنهنجو بڻائي بادشاهه بڻجڻو آهي- ان جو ڀيد حاصل ڪرڻ لاءِ گرومکن وٽ وڃڻو پوندو، ساڌو سنتن مهاتمائن وٽ وڃڻو پوندو. جي ڪنهنجي گهر ۾ ڪروڙ روپين جو خزانو دٻيو پيو هجي پر هنکي پنهنجي

ٻڌي ھيٺ لکن ٿا :

ڪاسٽ مهه جئہ هئہ ٻيسنتر مٿ سنجم، ڪاڍ ڪڍيجي ،
رام نام هئہ جوت سباني تت گرمت ڪاڍ لئيجي .
(آد گرنٿ صاحب ١٣٢٣)

جهڙي طرح ڪاٺيءَ ۾ اڳني هوندي آهي ، نہ اڳني نظر ايندي آهي ۽ نہ ان اڳنيءَ مان فائدو وٺي سگهندا آهيون . جڏهن وقت ڪاٺيءَ کي ڪاٺيءَ تي گهڻداسين پوءِ ان لڪڙيءَ مان اڳني بہ پيدا ڪريون ٿا ، اڳنيءَ مان فائدو بہ وٺي سگهون ٿا . اهڙي طرح اها رام نام جي جوت اسان مان هر هڪ جي اندر ، هتي اکين جي پوٺان جلي رهي آهي . اها چورن جي اندر بہ جلي رهي آهي ، ساڌو سنتن مهاتمائن جي اندر بہ جلي رهي آهي . پر اسين نہ انکي ڏسي ٿا سگهون ۽ نہ ان مان فائدو وٺي سگهون ٿا . جڏهن وقت گورمکن جي مت تي هلون ٿا ، انهن جي اُپديش تي هلون ٿا ، ان جوت جو درشن بہ ڪريون ٿا ، ان مان فائدو وٺڻ بہ شروع ڪريون ٿا . اهو جيڪو گورمکن جو اُپديش ۽ جگتي آهي ، اُها ڪهڙي آهي ؟ گورو صاحب فرمائين ٿا :

نؤ دروازي نوي در ڦيڪي ، رس امرت دسوي چئيجي
(آد گرنٿ صاحب ١٣٢٣)

انهن جي اها جگتي آهي تہ ڀاءُ ! جيستائين تون اکين ڪان هيٺ وٺو آهين ، توکي ڪجهه بہ پراپت نہ ٿي سگهندو . اکين ڪان هيٺ سڀ اندرين جا پوئجڻ آهن ، وشيہ وڪارن ، شراب ڪباب جون لذتون آهن . اهي لذتون ڦڪيون آهن . جيڪڏهن تون ان رس ڀري امرت کي پيئڻ چاهين ٿو ، ان رام نام جي جوت جو درشن ڪرڻ چاهين ٿو تہ پهريدي

اسين ڪو بہ فائدو وٺي نہ سگھنداسين جيستائين اسانکي جڳتيءَ جو پتو نہ پوي تہ ڪھڙي طرح کير مان گيھ ڪڍي سگھجيٿو. جڏھن کير اھا جڳتي ٻڌائي تہ ڪھڙي طرح ٿوھين کير کي ڄمائي ڏڌ ڄمائجو، ڪھڙي طرح ٿي انکي ولوڙي مکڻ ڪڍو ۽ مکڻ کي ھن ڍنگ سان گرم ڪري چاچ الڳ ڪرڻو تہ گيھ کير جي اندران نٿي نڪرندو. گيھ ڪٿان ٻاھران اچڻو ڪونہ آھي پر ان جڳتيءَ بنا جيڪو گيھ کير جي اندر آھي ان جو اسين ڪڏھن فائدو نٿا وٺي سگھون. ساڳي طرح وديا جي طاقت اسان سڀني جي اندر موجود ھوندي آھي پر اھا طاقت اسان سڀني جي اندر سُتل ھوندي آھي. جنھن وقت اسين سڪولن ڪاليجن ۾ ويندا آھيون، استادن جي صحبت ۽ تابعداري ڪندا آھيون اھا سُتل طاقت جاڳي پوندي آھي. اسين بي.اي.ايم.اي عالم، فاضل، گڏي گياني، بڻجندا آھيون. جن وٽ وڪالت ۽ انجنيريءَ جون ڊگريون آھن، انھن کان پڇجي ڏسو تہ انھن جي اندر ڪھڙي شيءِ استادن گھوٽي وڌي آھي! صرف استادن جي سنگت ۽ صحبت ڪرڻ سان ئي، پندرھن ٻاويھ سال انھن سان گڏ رھڻ ڪري ئي، ان سموري علم جي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. جيڪي شخص استادن کان ڀڄندي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ وڃن ئي نٿا، وديا جي طاقت تہ انھن جي اندر بہ ھوندي آھي، پر اھا سُتل ئي اچي ٿي ۽ سُتل ئي ھلي وڃي ٿي. اھڙي طرح گورو صاحب اسانکي اُپديش ڪن ٿا تہ گورمکن کي اسانجي اندر ڪجھہ بہ گھوٽي ڪونہ وجھڻو آھي. اھا دولت پرماتما اسانجي اندر اسانجي واسطي رکي آھي، پر انکي اندر ڪھڙي طرح حاصل ڪرڻو آھي ان لاءِ اسانکي گورمکن جي سنگت ۽ صحبت ڪرڻي آھي. چوٿين پاتشاھي

صاحب فرمائين ٿا تہ ان واسطي ساڌو سنتن مهاتمائن جي
سنگت ۽ صحبت جي ضرورت آهي. ڪنهن بہ مهاتما جي
ٻاڻي پڙهي ڏسو، هر هڪ مهاتما ان شبد جي مهما ڪري
ٿو. دنيا جي اندر ڪڏهن بہ ڪو مهاتما قوم يا مذهب
ٺاهڻ لاءِ نہ ايندو آهي، نہ ڪي مهاتما اسانجي هٿن ۾ ڏنڊا
۽ ترارون ڏيڻ لاءِ ايندا آهن ۽ نڪي هو مذهبن، ملڪن
جي حڪومت ڪرڻ لاءِ ايندا آهن. هو تہ صرف اسانجي
اندر مالڪ سان ملڻ جو شوق، ان سان ملڻ جو طريقو ٻڌائڻ
لاءِ اچن ٿا تہ ڪهڙي طرح ان رام نام جي جوت جو پنهنجي
اندر درشن ڪرڻو آهي، ڪهڙي طرح اهو امرت پيئي امر
ٿيڻو آهي! جيڪي ڪجهہ ملڻو آهي گورمکن جي سنگت
مان ئي ملڻو آهي. اسين دنيا جا جيوَ انهن جي وڃڻ ڪانپوءِ
ٻاهر-مکي ٿجي پئون ٿا، ڪرم ڪانڊ ۾ ڦاسجي پئون ٿا.
جن سرووَرن تي ويهي اهي اشنان ڪندا هئا، يا جيڪو
تلاءُ هنن سنگت جي اشنان ڪرڻ لاءِ ٺاهيو هو، اسين سمجهون
ٿا تہ مهڙي مهڙي ڪانپوءِ اسين بہ جي اُتي اشنان ڪنداسين تہ
شايد اسانجا سمورا پاپ لهي ويندا. جيڪي گرنٿ پوٿيون انهن
اسانکي ٻاهر جي ڀرمن مان ڪڍڻ لاءِ رچيا هئا، اسان جي
اندر نام جي ڪمائي ڪرڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ڪرڻ لاءِ
لکيا هئا، اسين سمجهون ٿا تہ رات ڏينهن اهي پڙهڻ سان
اسانجو خيال شبد ۽ نام سان جڙي پوندو. اسين سدائين ٻاهر
جي ڀرمن ۾ اُلجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. جن استانن
تي مهاتما جوتي جوت سمايا آهن، انهن استانن تي سماڌيون
ٺاهي مٿا گسايون ٿا تہ شايد ائين ڪرڻ سان اسين مڪتي
حاصل ڪري سگهنداسين يا انهن جي چاکڙن کي پوڄڻ يا
انهن جي تصويرن جي پوڄا ڪرڻ سان ئي اسين مڪتي

خيال کي اکين جي ٻوٽڻ اهڪاگر ڪر. سو جيستائين انهن
جي جڳهه ۽ طريقي مطابق ان نقطي ۽ پائنٽ (Point) تي
خيال اهڪاگر نه ڪنداسين، جتي داتا دات ڏني ٿو، ٻخشش
ڪري ٿو، امرت روپي نام وسي ٿو، تيستائين اسين ان
امرت کي ڪهڙي طرح ڏنا پي سگهون؟ اسين نه ٻاهر جي چيزن
کي امرت سمجهي ويٺا آهيون. ڪو پتاشا ڳارڻ کي امرت
سمجهي ٿو ۽ ڪو ٻي شيءِ کي. ڪو ٻوٽن ۽ ٻاٽي وجهي
ان کي امرت سمجهي ويٺو آهي. پر جيڪو امرت آهي
اهو نه ڇوواهه ٿي ڪلاڪ اکين جي ٻوٽڻ اسان سڀني جي
اندر وسي رهيو آهي. ان امرت کي پي ڪري ٿي اسين
امر ٿي سگهون ٿا. جيڪي اهو امرت پيئڻو آهي اهو من
ڪڏهن ته ٻوٽن پٺن ڏانهن ڊوڙي ٿو، ڪڏهن ڪام ڪرود
طرف ڊوڙي ٿو، ڪڏهن قومن مذهبن ملڪن جي جهيڙن
جي طرف ڊوڙي ٿو. جيستائين اسين ان من کي نون دوارن
مان ڪڍي اکين جي ٻوٽڻ آڻي اهڪاگر نه ڪنداسين،
تيستائين اسين ان امرت کي ڪهڙي طرح پي سگهنداسين.
ڪيتري ئي ڏينهن رات زبردست بارش ڇونه پوندي رهي،
جي برتڻ کي اسين اُلٽو ڪري رکي ڇڏينداسين ته ان برتڻ
۾ ٻاڻيءَ جو هڪ قطرو به ڪين پئجي سگهندو. ان برتڻ
کي سڌو ڪريو ته، پوءِ ان ته نه پين ٻا نيءَ بارش سان ڀرجي
ويندو. سو اسان مان هرهڪ کي ان امرت جي، ان آب
حيات جي، ان (Living Water) جي پيئڻ جي اندر وڃي
کوج ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهو امرت ڇرن جي اندر به
آهي، سادو سنتن مهاتمائن جي اندر به آهي. اُلي ڪنهن
به قوم مذهب ملڪ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، پر اهو
امرت ڪٿي آهي؟ ڪهڙي طرح انکي پيئڻو آهي؟ گورو

ڪرڻ ٿا ته پتو پوي ٿو ته ڪو لفظ صرف ١٠٠ سال پراڻو آهي، ڪو ٥٠٠ سال پراڻو آهي، ڪو ١٤٠٠ سال پراڻو آهي، ڪو ان کان به وڌيڪ پراڻو آهي. ان کان اڳ، جي اتهاس جو پتو ڪونهي. ڪيترا لفظ ته انهن کان به پراڻا آهن پر جڏهن شبد جي مهاتما مهما ڪن ٿا ته اهو اکين سان ڏسي نٿو سگهجي، ڪنن سان ٻڌي نٿو سگهجي، زبان سان چئي نٿو سگهجي. حضور مهاراج جن انکي اڻ لکيل قانون Unwritten Law ۽ اڻبوليل ٻولي Unspoken Language چئي سمجهائيندا هئا. ان نام جي آڌار تي اسانجا کنڊ برهمنڊ بيٺا آهن. ان نام جي ذريعي ساري دنيا جي رچنا ٿي آهي. اهڙي هلي گورو صاحب سمجهائيندا ته جيستائين ان نام جي اندر نه سمائينداسين، پاڻ کي ان ۾ جذب يا لوين نه ڪنداسين، تيستائين اسين مڪتي ڪهڙي طرح حاصل ڪري سگهون ٿا، مرڻ جيئڻ جي ڏکن مان ڇوٽڪارو ڪهڙي طرح حاصل ڪري سگهون ٿا؟

اهو نام اسان سڀني جي اکين پويان ڏينهن رات ڌنڪارون ڏيئي رهيو آهي. اسانجو روحاني سفر پيرن جي ترين کان شروع ٿئيٿو ۽ مٿي جي چوٽيءَ تي وڃي پورو ٿئي ٿو. پهرين منزل اکين تائين آهي، پوءِ انکان مٿي آهي. اسانجي جسم جي اندر جيڪا روح ۽ من جي جڳهه يا سيٽ (Seat) آهي، اها هتي اسان سڀني جي اکين پويان آهي. ڪڏهن به ڪا ڳالهه اسان کان وسري وڃي، ياد ڪرڻي هجي ته اسانجو هٿ پاڻ کان پاڻهي هن نقطي يا پائنٽ (Point) تي اچيٿو. ڪڏهن به ڀلجي ويل ڳالهه کي ياد ڪرڻ لاءِ ٽنگن يا پيرن تي هٿ ڪين هڻندا آهيون. هن جڳهه جو سوچڻ سان ڏاڍو گهرو، زبردست سٻنڌ آهي. هتان خيال

حاصل ڪري سگھنداسين يا سمدن ڪپڙن کي همت لائڻ سان ئي اسين مڪتي حاصل ڪري سگھنداسين؛ يا سمدن چرنن جي مٽيءَ کي مٿي تي لڳائڻ سان اسين مڪتي حاصل ڪري سگھنداسين. اسين ٻاهرئين ٽي پڙهون ٿا، ڪرم ڪانڊ ۾ اُلجھڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. مهاتمائن زندگيءَ جا پنجاهه - پنجاهه، سٺ - سٺ سال اسانکي انهن پرمن مان ڪيڻ لاءِ لڳايا پر اسين انهن جي وڃڻ کانپوءِ وري انهن تي پرين ۾ قائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. جنهن ڳالهه ڏانهن هو اسانجي توجه ۽ خيال کي وٺي وڃن ٿا - تہ هنن خيال کي موڙي سرير جي اندر وڃو، دل جي اندر وڃو ۽ نون دوارن مان خيال کي ڪڍي اکين جي ٻرسان ايڪاگر ڪري اُن امرت کي پيئو ۽ جوت جو درشن ڪريو، اسين ان رستي تي هلڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪريون. اُهو شبد يا نام ڪٿي ٻاهر ڪونهي، اهو اسان سڀني جي اَندر آهي. اهو چرون زڳن، ساڌن - مهاتمائن جي اندر بہ آهي.

هي جيڪي بہ اسانجا لفظ آهن، جيڪي اسان پنهنجي پنهنجي پيار ۾ اچي پرماتما جا نالا رکيا آهن - ڪو الله، ڪو راڌا سوامي، ڪو پرماتما، ڪو هري اوم، ڪو پرميشور - اهي اسانجي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿا.

ڏسو تہ ٻهرين اسانجا ڪيترا ملڪ آهن، هڪ هڪ ملڪ جون ڪيتريون ٻوليون آهن ۽ هڪ هڪ ٻوليءَ ۾ اسين ڪيترن ڪيترن لفظن سان ڏينهن رات پرماتما کي ياد ٿا ڪريون. هي سڀ لفظ ورڻاتمڪ شبد آهن. اهي اسانجي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿا ۽ هر هڪ لفظ جي هسٽري ٽريس (Trace) ڪري سگھون ٿا، معياد مقرر ڪري سگھون ٿا، ٽائيم مقرر ڪري سگھون ٿا جڏهن کوج (Research)

پنهنجي جيون کي ٻڌائين ٿا، پنهنجي زندگي ونيت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جيڪي ماڻهو شبد جي ڪمائي ڪن ٿا، نام جي ڪمائي ڪن ٿا، اُهي ئي انهن جي سنگت مان فائدو وٺي سگهن ٿا. سو جيستائين اسين انهن تي ڀروسو ۽ ۽ وشواس نه ڪنداسين، انهن جي هدايت مطابق شبد ۽ نام جي ڪمائي نه ڪنداسين تيستائين انهن جي سنگت ۽ صحبت مان پورو پورو فائدو وٺي نه سگهنداسين.

**سنتهه سنوسنو جن ڀائي گر ڪاڍي ٻانهن ڪڪيجئه،**
**جي آتم ڪئه سکه سکه نت لوڙهه تـا ستگر سرن پويجئه.**

هاڻي چوٿين پاتشاهي سري گورو رامداس جي مهاراج سنگت ڏانهن مخاطب ٿي سمجهائين ٿا ته اسانجي ستگورو ٽين پاتشاهي سري گورو امرداس جي مهاراجن ٻانهن ڪـڍي ڪري دنيا ۾ هوڪو ڏنو آهي ته جيڪڏهن ڪنهنکي آتمڪ سک جي لوڙ آهي؛ جيڪڏهن ڪو من ۽ آتما جي شانتي چاهي ٿو ته انکي اها تڏهن ئي ملندي گورمکن جي سنگت ۽ صحبت مان ئي ملندي. انهن جي حڪم موجب شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪري ئي ملندي. اسين سک ۽ شانتي ڳولڻ لاءِ ڏهين پاسي ڏانهن خيال ڪٽي ٿا وڃون، قومن، ملڪن مذهبن جي مان وڏائيءَ مان سک ڳوليون ٿا، شراب ڪباب جي لذتن مان سک ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. جيترو ان طرف مان سک ڳولڻ لاءِ وڃي ٿو اوترو ئي ڏکهن واس ونڪ دکي ٿيندا پيا وڃون، ڇو جو جن چيزن مان سک ڳولي رهيا آهيون اهي سڀ چيزون عارضي آهن، ٽيمپوري (Temporary) آهن. انهن جو سک ۽ آرام به صرف عارضي يا ٽيمپوري ئي سگهي ٿو. جيترو عرصو اسانکي اُها چيز ٿئي

هيٺ لهي انهن دوارن جي رستي ساري دنيا ۾ ڦهليو آهي. اسانکي ان ڦهليل خيال کي گورمکن جي ٻڌايل جڳتي ۽ طريقي مطابق ورڻي هٽائي (Retrace) ۽ موڙي (With draw) کري ان نقطي تي کٺو کرڻو آهي. جڏهن وقت اکين جي ٻاهران خيال ايڪاگر کرٻون تا ته پوءِ پتو پوي ٿو ته اهو مٺي کان مٺو، سريلي کان سريلو آواز جو مالڪ جي درگاهه مان اچي رهيو آهي، اسان مان هر هڪ جي اندر ڏنڪارون پيو ڏئي. پنهنجي خيال کي ان آواز سان جوڙڻو آهي، جنهنکي کو شبد سڏي ٿو، کو نام چوي ٿو، کو آڪاش واڻي چوي ٿو ته کو کلام، بانگ آسماني چئي ٿو، کو ورڊ (Word) يا لوگاس (Logos) چئي بيان کري ٿو. اسين انهن لفظن جي چکر ۾ ڦاٿا پيا آهيون. جڏهن چيز جي اهي لفظ مهما کن ٿا، ان چيز کي کڏهن به پنهنجي اندران ڳولڻ جي کوشش کانه ٿا کريون. گورو صاحب فرمائين ٿا ته جڏهن اندر ڳولڻ جي جڳتيءَ جو پتو پوندو تڏهن ٿي انهن لفظن ۽ ٻولين جي ڀرمن مان نکرنداسين. گورمکن جي سنگت ۾ وڃي، ساڌن سنتن مهاتمائن جي صحبت ۾ وڃي، اسين انهن ڀرمن مان نکري سگهون ٿا. تنهنکري ٽڪ ٽڪ جي اندر بار بار زور ڏنل ٿا ته گورمکن جي صحبت کرڻي آهي، ساڌن سنتن مهاتمائن جي سنگت کرڻي آهي.

## جو وچن گرست ست کرمانڻ تس آگي کاڍ ڌريجڻ

هاڻي گورو صاحب فرمائين ٿا ته گورمکن جي سنگت ۽ صحبت مان فائدو کير وٺندا آهن؟ اهي جيکي انهن جي وچن کي ست - ست کري مڃين ٿا، انهن جي وچن تي ڀروسو کن ٿا، وشواس کن ٿا، انهن جي سمجهاڻي مطابق

ڪري گورو صاحب اُپديش ڪن ٿا ته اسانجي سنگورن لاءِ ٻاهرين ڪڙي ڪري دنيا جي اندر هوڪو ڏنو آهي ته جي توهان کي آتمڪ سک جي ضرورت آهي ته اهو توهان کي گورمکن جي شرن ۾ وڃي مالڪ جي ڀڳتي ڪرڻ سان ملي سگهي ٿو، مالڪ جي پيار مان ملي سگهي ٿو. ٻاهران نه اڄ ڏائين ڪڏهنڪي سک ۽ شانتي ملي آهي ۽ نه ڪڏهنڪي ملي سگهي ٿي. گورو صاحب سمجهائين ٿا:-

جڏهي گهر جاڻا آپڻا سي سکيئي پائي

(آد گرنٿ ۴۲۵)

جيڪي شخص پنهنجي گهر پهچن ٿا يعني پنهنجي پرماتما، پنهنجي اصل کي وڃي ملن ٿا، اهي هميشه واسطي سکي ٿي پون ٿا، انهن جو هميشه واسطي جنم مرڻ جي دکن مان ڇوٽڪارو ٿي پوي ٿو. سو جيڪي ڪجهه اسانکي ملڻو آهي اهو پرماتما جي ڀڳتيءَ مان ملڻو آهي. پرماتما جي پيار مان ملڻو آهي. گورمکن جي شرن حاصل ڪرڻ جو مطلب ئي اهو آهي ته انهن جي سمجهاڻي جي مطابق پنهنجي جيون کي نڀاهي مالڪ جي ڀڳتي، پيار ۽ پريم ۾ لڳائڻو آهي، پاڻ مان اهم ڪڍي ڇڏڻو آهي، مالڪ ۾ ٻڏڻو آهي، تڏهن ئي وڃي سک حاصل ڪري سگهنداسين، شانتي پراپت ڪري سگهنداسين.

## جي وڏيا گر هوءِ ات نيڪا تا گرمت نام درڙيجئه

هاڻي گورو صاحب سمجهائين ٿا ته هي جو آتمڪ سک جي رستي لئي هلڻ آهي، اها ڪا معمولي ڳالهه ڪانهي. تمام وڏا پاپ هئڻ، وڏا سر شت ڪرم هجڻ، پرماتما جي اسان لئي خاص دبا مهر ۽ بخشش ٿئي تڏهن وڃي گورمت

ملڻ جا ڪڏهن به ناس يا فنا نه ٿي ٿئي ۽ اسين انکي پنهنجو بڻايون اوڙو وقت اسين سک ۽ شانتي ڪهڙي طرح ٿا پرايت ڪري سگهون. اها ڪهڙي چيز آهي؟ اهو صرف هڪ اڪال پرکُ، پرماتما، پرميشور، واهگورو آهي جنهن جا هزارين انيڪ نالا هرهڪ پنهنجي پنهنجي پيار ۾ اچي رکيا آهن. انس هميشه اصل ۾ ئي وڃي سمائجڻ سان سک ۽ شانتي حاصل ڪري سگهي ٿو. جيڪا آتما آهي، انجو اصل اهو پرماتما آهي. توهين آتما کي جيڪي به وٺيو سو ڏيو پر جيستائين اها پنهنجي نج گهر نه ويندي، اصل ۾ لين نه ٿيندي، ڪڏهن به سک ۽ شانتي حاصل نه ڪري سگهندي. جن کي مالڪ سڀ ڪجهه ڏنو آهي صحت به ڏني آهي، دولت به ڏني آهي، پٽ ڌيئرون به ڏنيون آهن، دنيا جي عزت به ڏني آهي، ڪڏهن اڪيلو ويهي ڏسو، من هڪ سوڪيم تانگهه محسوس ڪندو رهي ٿو. ڪنهن نه ڪنهن شيءِ جي ڪمي محسوس ڪندو رهي ٿو. هرڪا شيءِ هوندي، اڪيلائيءَ جو احساس اسانجو پيڇو ئي نٿو ڇڏي. اهو آتما جو پنهنجي اصل جي طرف قدرتي جهڪاءُ آهي. جيستائين اها پنهنجي اصل طرف نه ويندي، اها اڪيلائي جي ڀاونا ڪڏهن به اسانجي اندر مان نه ويندي، اهو اڪيلائپ جو خيال اسانجو پيڇو ئي نٿو ڇڏي. سو ان اڪيلائيءَ جي ڀاونا دور ڪرڻ واسطي ئي ته مالڪ جي ڀڳتي ڪريون ٿا، نام جي ڪمائي ڪريون ٿا. هاڻي اسين اصل کي پهچڻ جي ته ڪوشش ڪونه ٿا ڪريون، ان کي ڀلائي دنيا کي پنهنجو بڻائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. جيترو اُن دنيا کي پنهنجو بڻائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا اوڙو ئي ڏينهن رات وڌيڪ دکي ٿيندا پيا وڃون. تنهن

جو جاءِ شرابن ڪبابن جي لذتن واسطي ٿي بخشيو آهي. اهڙو ته انهن ڀوڳن ۾ الجها وينا آهيون جو ڀيو ته ڇڏيو پر پنهنجي موت کي وساري وينا آهيون. روز ڏسي رهيا آهيون ته اسانجا ساٿي اسانجو ساٿ ڇڏي وڃي رهيا آهن، بلڪ خود گڏجي انهن کي شمشان ڀوميءَ ۾ ڇڏي ايندا آهيون. پر ڪڏهن ڪين سوچيو اٿئون ته هو هن دنيا مان ڪهڙي چيز پاڻ سان کڻي ويو ۽ اسين دنيا مان ڪهڙي چيز پاڻ سان کڻي ويندا سين. وڏا وڏا راجا مهاراجا، وڏا وڏا عالم ڊڪٽيٽر، وڏا وڏا سيٺ ساهوڪار، ڪارخانيدار جيڪي ساري دنيا جون جائدادون پنهنجون بڻائي وينا آهن، ڏسو هڪ ڪن اندر سڀ ڇڏي هڪ طرف ٿي وڃن ٿا. وڏن وڏن بادشاهن ۽ شهنشاهن جي قبرن کي اسين اڄ ڪهڙي طرح ڌڪار جي نظر سان ڏسون ٿا. اهڙي ريت ڪو اهڙو وقت ب اچڻو آهي جڏهن اهڙي طرح ماڻهو اسانجي قبرن کي ڏسندا. انڪري گورو صاحب اسانکي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪن ٿا ته ڇو توهين مايا جي جار ۾ ڦاسي موهه جي مٺي ننڊ ۾ ستا پيا آهيو. پاڻ فرمائين ٿا، 'سهجي هر رس پيجيءِ' يعني، توهين گورمکن جي سنگت ۾ وڃي سنتن مهاتمائن جي صحبت ۾ وڃي پنهنجي اندر ان هريءَ جي رس کي پيئڻ جي ڪوشش ڪريو. اهو امرت چوويهه ڪلاڪ هرهڪ جي اندر هن اکين جي پويان وسي رهيو آهي. جيڪو انهن جي سنگت ۽ صحبت ۾ وڃي ان امرت کي پيئڻ شروع ڪري ٿو، ان هريءَ جي رس کي حاصل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي ٿو، اهوئي سهج اوستا پراپت ٿو ڪري، قدرتي ان پرماتما ۾ وڃي سمائجي ٿو.

جي ذريعي نام جي ڪمائيءَ ۾ لڳي آتمڪ سک حاصل ڪري ٿا سگهون. ڀڳوان ته تمام چڱا ڪرم هجن ته وڃي چوراسي لک جونيون ڀوڳڻ کانپوءِ ڪٿي انسان جو جامو اسان کي ملي ٿو. پوءِ انسان جو جامو حاصل ڪري، ان کان به وڌيڪ سرشٽ ڪرم هجن تڏهن وڃي ڪٿي گورمکن جي سنگت ۽ صحبت پراپت ٿئي ٿي ۽ تمام اوچا ڪرم هجن تڏهن گرمت لي هلڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. بلڪل وڏن ڀاڳن سان گورمکن لي ڀروسو يا وشواس اچندو آهي ۽ پنهنجي خيال کي شبد سان جوڙڻ جي قابل ٿيندا آهيون، نام سان جوڙيندا آهيون. سو گورو صاحبن جي چوڻ جو مطلب آهي ته جي مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن جي سنگت ۽ صحبت ۾ وڃي نام ۽ شبد جي ڪمائيءَ ۾ لڳا آهن، اهي ڪي معمولي جيو ڪونه آهن، تمام وڏن ڀاڳن وارا آهن، ڏاڍن نيڪ ڪرمن وارا آهن، ڏاڍن ئي سرشٽ ڪرمن وارا آهن.

## سڀ مايا موهه پسر جگ ترشڻا
## سهجي هر رس پيجڻ

هاڻي گورو صاحب دنيا ڏانهن نهاري دنيا جي حالت بيان ڪن ٿا ته اسين سڀ دنيا جا جيو مايا جي جار ۾ ڦاسي موهه جي ننڊ ۾ ستا پيا آهيون. مالڪ جو ڪنهنکي به پتو ڪونهي، مالڪ جي ڀڳتيءَ ڏانهن ڪنهنجو به خيال نٿو وڃي، انهن وشين وڪارن، شراب ڪباب، اندرين جي ڀوڳن مان اسانکي فرصت ئي ڪانه ٿي ملي. اسين من ۾ سوچي ويٺا آهيون ته ” ايهه جڳ مٺا، اگلا ڪن ڊٺا. بابر به عيش ڪوش ڪ عالم دوبارا نيست.“ شايد پرماتما انسان

لي مناسب سمجهي ٿو، اُلي جم ڏئي ٿو. هڪ ڏينهن مان نڪرن ٿا، ٻيو ڏينهن جو پاڻيڙو اول لي انهن لاء تيار ٿيو ٻيو هوندو آهي. هڪ موت مان ڇوٽڪارو نه ٿو ٿئي، ٻيو موت اڳين اڳيان نڪرڻ شروع ڪري ٿو ڇڏي. ڏس نمبران وانگر انهڪي هٿڪڙي لڳل ٿي رهندي آهي. سو گورو صاحبن جي سمجهائڻ جو ڀاو آهي ته هن مايا جي موهه ۽ پيار مان نڪرڻو آهي، ان هوئه جي رس ڪي پنهنجي اندران پيٽڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي، مالڪ جي ڀڳتي ڪرڻي آهي، مالڪ جي کوج ڪرڻي آهي.

## نانڪ رام رم رم رهي رم رامڻ تي گت ڪيجڻ

هاڻي گورو صاحب فرمائين ٿا ته پرماتما ان شبد ۽ نام جي ذريعي ئي ساري دنيا جي رچنا پيدا ڪئي آهي ۽ اهو شبد يا نام هر ڪنهن جي اندر ڏينهن رات ڌنڪارون ٿو ڏئي. اهو هر ڪنهن جي اندر رکيل آهي. جيستائين اسين ان کي پنهنجي اندر جذب نه ڪنداسين، ان ۾ لولين نه ٿينداسين، ان ۾ وڃي پاڻ نٿا سمايون، تيستائين اسانکي اوچ گتي نه ملي سگهندي، مرڻ جمڻ جي ڏکن مان ڪڏهن اسان جو ڇوٽڪارو نه ٿي سگهندو. سو گورو صاحب سمجهائين ٿا ته اُٿندي ويهندي، هلندي ڦرندي، پنهنجي اندر ان شبد جي کوج ڪريو، ان نام جي کوج ڪريو، تڏهن ئي پرماتما سان ملڻ جي گتي پراپت ڪري سگهندا.

## سٽگر ملڻ تا نام درڙائي رام نامڻ رلڻ ملجڻ

سب ڪجهه بيان ڪري هاڻي پاڻ اُپديش ڪن ٿا ته اسين ان نام جي اندر ڪهڙي طرح وڃي سمائجي سگهون ٿا؟ پاڻ ئي ڪهڙي طرح جذب ڪري سگهون ٿا؟ ڪهڙي طرح

## مايا مايا ڪي جو اڻ ڪاري وڃ مايا ڇڏڻ ڇڏجڻ

گورو صاحب فرمائين ٿا تہ جيڪي شخص مالڪ جي ڀڳتي نٿا ڪن، مالڪ جي کوج نٿا ڪن، مايا جي ئي پيار ۾ ڦاٿا پيا آهن، ان کي پنهنجو دين ايمان، گرو، پتي، مالڪ سمجهي ويٺا آهن، اهي هتي ئي ڏکن وات مرندا ۽ جمندا رهن ٿا. گورو صاحب فرمائين ٿا:-

وشٽا ڪي ڪيڙي وشٽا ڪماوهہ،
ڦر وشٽا ماهہ پچاوٽيا. (صفحو ١١٩)

گندگيءَ جا ڪينئان گندگيءَ ۾ ئي پيدا ٿين ٿا، گندگي ئي کائين ٿا، گندگيءَ سان ئي پيار رکن ٿا، گندگيءَ ۾ ئي مرن ٿا ۽ انهيءَ گندگيءَ ۾ وري پيدا ٿين ٿا. بعدي جي اسين پرماتما جي ڀڳتي نہ ڪنداسين اسين سدائين چوراسيءَ جي چڪر ۾ الجها رهنداسين.

## اگيان آنڌير مها پنٿ بکڙا اهنڪار ڀار لد ليجڻ

هاڻي گورو صاحب انهنجي حالت بيان ڪن ٿا، جيڪي هن انسان جي جامي جو فائدو نٿا وٺن، مالڪ جي ڀڳتي نٿا ڪن، بلڪ سدائين ڏکن وات مايا جي موهہ ۾ ڦاٿل رهن ٿا. پاڻ سمجهائين ٿا تہ موت کانپوءِ انهنجي ڪهڙي حالت ٿئي ٿي! اڻانگو رستو آهي، رستي ۾ انڌيرو آهي، اڪيلو وڃڻو پوي ٿو، رستي جو پتو ئي نٿو پوي، اکين کان ڪمزور آهن، سر مٿان اهنڪار ۽ پاپ جو بوجو رکيل اٿن، ڪو بہ مدد ڪرڻ وارو ڪونهي. گيان جي روشني ڪانهي ۽ ان انڌيري ۾ ڏکن وات ڀٽڪن ٿا، ٿڙڦندا رهن ٿا. هر موت کانپوءِ انهنکي ڌرمراج جي اڳيان پيش ڪيو ويندو. هو انهن کي ڪرمن، خواهشن، ترشنائن موجب جنهن جڳهہ

نام اندر لولين ٿي سگهون ٿا؟ 'ستگر مليءِ ٿان نام دڙهائي'. جڏهن ستگورو ملي وڃي ٿو، گورمکن جي سنگت ملي ٿي، سادن سنتن مهاتمائن جي صحبت ملي ٿي. جڏهن وقت انهن جي اپديش انوسار اسين شبد جي ڪمائي ڪريون ٿا، نام جي ڪمائي ڪريون ٿا، تڏهن ئي وڃي رام سان جڙي سگهون ٿا، ان نام جي اندر پنهنجي پاڻ کي جذب يا لولين ڪري سگهون ٿا. وري فرمائين ٿا 'رام نامءِ رايءِ مليجيءِ' يعني پوءِ اسين واپس ان پرماتما سان ملي سگهون ٿا. جيستائين شبد ۽ نام جي اندر پنهنجي پاڻ کي جذب يا لولين نه ڪنداسين، مالڪ تائين ڪڏهن به پهچي ڪونه سگهنداسين، اسانجو مرڻ جيئڻ جي ڏکن مان ڇوٽڪارو ڪونه ٿي سگهندو.

سو اسانکي به گهرجي ته گورو صاحب جي ٻڌايل اپديش تي هلڻ جي ڪوشش ڪريون. گورو صاحب چڱي طرح ڏواي سمجهايو آهي ته ڇو اسانکي مالڪ جي داسن جو داس ٿيڻو آهي، ڇو مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن جي سنگت يا صحبت ڪرڻي آهي، سنگت ۽ صحبت جو ڪهڙو فائدو ٿيندو، ان شبد ۽ نام جي ڪمائي ڇاکي ٿو چئجي، ڪهڙي طرح پاڻ کي شبد ۽ نام سان جوڙڻو آهي. اسانکي به گهرجي ته سندن لکيل، سندن اپديش مان فائدو وٺون ۽ اندر شبد سان خيال جوڙيون، نام سان خيال جوڙيون.

دفعو ٻھريون ]     آگسٽ ١٩٧٩     [ جلد ٥٠٠٠

Published by: S. L. Sondhi Secretary Radha Soami Satsang
Beas ( Punjab )

Printed by : Kohinoor Printers Shekha Mohalla,
Diggi Bazar, A J M E R.